SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1984

# سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH REQUISITIONING OF IMMOVABLE PROPERTY (TEMPORARY POWERS) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of West Pakistan Act VII of 1956

3. 1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6_A جي ترميم

Amendment of Section 6_A of West Pakistan Act VII of 1956

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1984

# سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH REQUISITIONING OF IMMOVABLE PROPERTY (TEMPORARY POWERS) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[10 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر

هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 6 ۾:

(i) ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن "يا رقم ۾ ساليانو 6 سيڪڙو جو اضافو" کي لفظن "ساليانو رقم ۾" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) ذيلي دفعه (2) کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعه شامل ڪيو ويندو:

"(2_A) هن دفعه تحت طئي ڪيل معاوضو ساڳي يا انهيءَ هنڌ تي ساڳي حالت ۾ واقع ساڳين عمارتن جي ڀاڙي کان گهٽ نه هوندو."

1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of West Pakistan Act VII of 1956

3. ڇاٽايل ايڪٽ ۾ دفعه 6 کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعه شامل ڪيو ويندو:

(معاوضي ۾ واڌ)

"6_A(1) صوبائي حڪومت، مالڪ جي درخواست تي ذيلي دفعه 6 تحت واجب الادا معاوضو نين ٽيڪسن کي نظر ۾

1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6_A جي ترميم

Amendment of Section 6_A of

| | |
|---|---|
| West Pakistan Act VII of 1956 | رکندي وڏائي سگهي ٿي، جيڪڏهن ڪي هجن، معاوضو ۽ عمارت جو ساليانو ملهه طئي ڪرڻ لاءِ، جيڪڏهن ڪو هجي، جنهن تي ٽيڪس لڳائي وئي آهي: |

بشرطيڪ معاوضو طئي ڪرڻ واري تاريخ کان ٽن سالن جي عرصي تائين معاوضي ۾ ڪا بہ واڌ نہ ڪئي ويندي.

(2) معاوضي ۾ واڌ ڪنهن بہ صورت ۾ ساليانو 10 سيڪڙو کان وڏيڪ نہ هئڻ گهرجي.".

**نوٽ:ــ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**